عبدالحميد سبزوئي

# سوانحي ادب: ابتدا، وصف ۽ اهميت


***Abstract:***

**Biographical Literature: Beginning, Definition & Importance**

*Biographical literature can be directly linked to modern Sindhi Prose and the beginning of the Alphabet under the Ellis Committee (1853) imposition of Sindhi language in Sindh, paved the way for revolutionary success of Sindhi Prose. Learned scholars of Sindhi language place great importance on the contribution of biographical literature.*

*Biographical literature mainly divided into two categories. The first in which, one writes about the others, while the second in which, one writes about the life of his own. Seth Nayomal made one of the earliest contributions to Sindhi biographical literature, when he got written 'Yaadgiryoon' (Memories) in Sindhi, which got translated into English and then re-translated from English to Sindhi. The first ever complete biography in Sindhi, is that of Prophet Muhammad (p.b.u.h.), written and published in 1911 by Lalchand Amar Dinomal Jagtiyani. Scholars and writers such as Mirza Qaleech Baig, Koromal Chandanmal Khilnani, Hakeem Fateh Muhammad are of the some names that made earliest contributions to biographical literature. After the great works of these men, biographical literature in Sindhi language has kept pulling up. Traces of biographical literature are found in religious books and even in ancient Egyptian graffiti. In recorded history, the first ever written biography is of St. Augustine. Along with having a 'Aaytaraf' (Confessions) historical significance, biographical form of literature has a cultural significance. It depicts and represents the culture, traditions and values of the times in which it was written. It also describes the political and social conditions, and provides lessons about ethics and morality. It is, hence, a combination of three things man, history and literature. The individuals experiences, events, moments, happiness, sorrows expressed in biographical form of literature no longer remain individual. They serve the purpose of enlightening the public at large about lessons from experiences of life.*

*The significances of importance of biographical literature can be recognized from the assessment of Thomas Carlyle, who states that the history of the world is basically the biographies of all the greatest man of all times combined. Biographical literature in Sindhi language is also filled with jewels and abundant treasures which require.*






## سوانحي ادب:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ’سوانحي ادب‘ جي تاريخ کي جديد سنڌي نثر ۽ ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي شروعات سان جوڙي سگهجي ٿو. جڏهن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ کي فتح ڪيو، ان تي پنهنجي حاڪميت ۽ بالادستي قائم ڪئي ۽ ان جي نتيجي طور هنن سنڌ ۾ سياسي، انتظامي، معاشي ۽ آئيني تبديليون آنديون، جنهن پٽاندڙ ڪراچي شهر جي ترقي، ريلوي جي نظام ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ واري صورتخطيءَ جي پهريون پيرو باضابطه جوڙجڪ ٿي. 1853ع ۾ ٺهيل ’ايلس ڪميٽيءَ‘ سنڌي ٻوليءَ بابت سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان جي پيٽ ۾ مختلف فيصلو ڪندي، سنڌ ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ عربي لپيءَ کي لاڳو ڪيو ويو، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو نئون انقلابي دور شروع ٿيو ۽ سنڌي نثر ترقيءَ جون نيون منزلون ماڻڻ لڳو.

سنڌي ٻوليءَ جي سوانحي ادب جي تاريخ کي به اسان ان پسمنظر ۾ جاچي سگهون ٿا، جيتوڻيڪ ان کان اڳ به اسان کي سوانحي ادب جا ڪي اهڃاڻ، اشارا ۽ مثال ملن ٿا. قديم شاعريءَ ۽ ابوالحسن واري سنڌيءَ واري قسم جي سنڌي نثر ۾ تنقيدي اشارن وانگر، تعريف، حمد ۽ ثنا موجود آهن. ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: ”ميين علي شير قانع، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين عالمن جي فارسي، عربي ۽ سنڌي ڪتابن ۾ شخصيتن جي سوانح جا اهڃاڻ ملن ٿا. عالمن سيرت تي به ڪتاب لکيا. مير علي شير قانع ۽ محمد ابراهيم خليل مقالات الشعراء ۽ ’تڪمله مقالات‘ ۾ شاعرن جون سوانح عمريون لکيون آهن.“ (1)

اڳتي هلي جوڻيجو صاحب جديد سوانحي ادب جي ابتدا ۽ اوسر بابت هن ريت لکي ٿو: ”جديد معنيٰ ۾ اسين جنهن صنف کي ’سوانح حيات‘ چئون ٿا، اها اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ (ديوان) ڪوڙي مل ۽ (مرزا) قليچ (بيگ) جي انهن ڪتابن ۾ ملي ٿي، جي هنن ساميءَ ۽ شاهه بابت لکيا. ان ڪانپوءِ ثابت علي شاهه ۽ سچل بابت قليچ ۽ علي قلي بيگ جا ڪتاب آيا، جن ۾ ڪلام کان اڳ شاعرن جي سوانح حيات آئي.“(2)

ايئن جديد سنڌي نثر جي ارتقا ۽ اوسر جا پيرا وچي بيٺڪي راڄ جي شروعاتي ڏهاڙن تي بيهن ٿا، جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي جديد دور ۽ زماني سان هم



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهنگ ڪندي، ان جي نئين سر تجديد ۽ جوڙجڪ ڪئي وئي ۽ انهيءَ ۾ نثر ۽ نظم جون نيون صنفون، مواد ۽ تاريخ شامل ڪئي وئي. انهيءَ ڳالهه جي وڌيڪ زوراڻي شاهدي اسان کي 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۾ هن ريت ملي ٿي:

"سنڌ جي فتح کان اڻ ورهيه پوءِ، سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان ۽ مسٽر ايلس جي رهبريءَ هيٺ، مخدوم ابوالحسن واري سنڌيءَ کي سنواري ۽ سڌاري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ خاص صورتخطي مقرر ڪئي وئي. ان وقت جو سنڌي ادب گهڻو ڪري مذهبي هو، جو ملڪ جي وڌندڙ علمي ۽ ادبي ضرورتن کي منهن ڏيئي نٿي سگهيو."(3)

سنڌي ادب جي تاريخ بابت انهن ٻنهي مستند ڪتابن مان ڏنل حوالن مان اسان اهو ٿي نتيجو اخذ ڪري سگهون ٿا ته سنڌي نثر، جنهن ۾ افسانوي ادب: ناول، ڊرامو ۽ ڪهاڻي ۽ غير افسانوي ادب يعني سوانحي ادب، جنهن ۾ سوانح عمري، آتم ڪهاڻي، خاڪا، ڊائريون، سفرناما، خط ۽ يادگيريون اچيو وڃن ٿا، اسان وٽ اڻويهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ داخل ٿيا ۽ نکري نروار ٿيا. ابتدائي طور جن شخصيتن ۽ اديبن، سوانحي ادب کي سڌاري، سنواري اسان جي آڏو آندو، تن ۾ پهريون ڪتاب سيٺ نائون مل جو 'يادگيريون' آهي، جيڪو هن سنڌيءَ ۾ لکرايو، پوءِ ان جو انگريزي ترجمو ٿيو ۽ بعد ۾ ان جو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. ان جو ذڪر نائون مل جي 'يادگيريون' ڪتاب ۾ هن ريت ڪيو ويو آهي:

"اها جيون ڪٿا، پهرين سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي وئي ۽ پوءِ سندس پوٽي راءِ بهادر عالو مل ٽيڪمداس پوچواڻيءَ، ان کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري 1910ع ڌاري شايع ڪيو."(4)

اهڙيءَ ريت سوانحي ادب جي ابتدائي ليکڪن ۽ اديبن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪَوڙو مل، لال چند امرڏنو مل، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ شيوارام نرسنگهه داس ڦيرواڻي اچي وڃن ٿا. توڙي جو اڻويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن جي سوانحي ادب ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شاعريءَ سان گڏ سندن مهاڳن ۾ سوانح کي شامل ڪيو ويو هو ۽ فارسي توڙي انگريزيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح، مير عبدالحسين سانگي ۽ مرزا قليچ بيگ لڳ ڀڳ ساڳئي زماني (1885ع) ۾ لکي ۽ ڇپائي پڌري ڪئي، پر سنڌي ادب ۾ پهريون ڀيرو اصلوڪو 'سوانحي ڪتاب' نبي ڪريم ﷺ جن جي سوانح عمري آهي، جيڪا لال چند امرڏني مل جڳتياڻيءَ 'محمد رسول الله صہ'





جي نالي سان لکي، 1911ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي هئي، اِيئن سوانح جو ٻيو ڪتاب به پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حياتيءَ متعلق آهي، جيڪو 1914ع ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ وڏي محنت سان لکي شايع ڪرايو هو.

ان کان پوءِ سوانحي ادب جي اوسر واري سفر ۾ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻا ئي ٻهڳڻا شاعر، اديب، نقاد ۽ دانشور شامل ٿي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، سَنتن، صوفين، درويشن، شاعرن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن توڙي لوڪ فنڪارن جون سوانح عمريون ۽ سندن حياتين جا سرسري احوال ڇپجي پڌرا ٿيڻ لڳا ۽ اسان جي ٻولي شاعريءَ جي خزاني وانگر نثري صنف ۾ به شاهوڪار ٿيڻ لڳي.

## سوانحي ادب جا قسم:

هونئن ته سوانحي ادب جا ڪيترائي قسم آهن، جيڪي سيئي پنهنجي پنهنجي اهميت جي لحاظ کان الڳ ادبي صنف طور مڃيل آهن، پر ٿلهي ليکي ادبي دنيا جي عالمن ۽ اڪابرن سوانحي ادب کي ٻن وڏن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ حصو اهو آهي، جيڪو اسين ٻين بابت لکون ٿا يا ٻين انسانن جي حياتي، جدوجهد، فهم ۽ ادراڪ بابت لفظن ۽ جملن جون صورتون ٺاهي متن تنقيد يا تحسين جي نگاهه وجهون ٿا. هن حصي ۾ سوانح عمري، خاڪا ۽ رپورتاز اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح سوانحي ادب جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن ۾ اسان پاڻ بابت يا پنهنجي شخصيت، خيالن ۽ ڪردار جي وضاحت، ٽيڪا ٽپڻي ۽ وضاحت ڪريون ٿا، ان ۾ آتم ڪهاڻي، خط، ڊائريون ۽ سفرناما شامل آهن. انهن سوانحي صنفن جي الڳ الڳ اهميت، وصف ۽ اسلوب آهي. سوانحي ادب جا اهي سيئي وکر جيئن ته مستقل ۽ مڪمل طور جدا جدا نالن سان سڃاپجن ٿا، ان ڪري اهي مستقل صنفن جي حيثيت به وٺي چڪا آهن.

## سوانحي ادب جي ابتدا ۽ اؤسر:

سڀ کان پهرين سوانحي ادب (Biographic Literature) بابت ڄاڻڻ گهرجي ته اهو ڇئجي ڇا کي ٿو يا ان جي وصف ۽ وياکياڻ ڇا آهي. انسائڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ سوانحي ادب جي وصف هن ريت ڏني وئي آهي:

"One of The oldest form of Literature expression, Biographical Literature seeks to recreate in words the life of a human being that of the written himself or another



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

person, drawing upon the resources memory. And all available evidence …… written oral pictorial” (5)

(ادبي اظهار جي سڀ کان قديم صورت آهي ۽ سوانحي ادب مان مراد ڪنهن به انسان جي حياتيءَ ڪي لفظن جي ذريعي ٻيهر زندگي عطا ڪرڻ آهي. جنهن ڪي مصنف پاڻ يا ڪنهن ٻئي شخص بابت موجود تحريري، زباني يا تصويري ذريعن ۽ حوالن سان تحريري صورت ڏيندو آهي)

جيئن مٿينءَ وصف مان ظاهر ٿئي ٿو ته سوانحي ادب، ادبي اظهار جي بيحد پراڻي صورت آهي. انهيءَ جا نشان، اهڃاڻ ۽ پارپتا، اسين انساني تهذيب جي قديم ماڳن يعني غارن ۾ رهڻ دوران ديوارن تي ڪيل چٽسالي ۽ ابتين سبتين لڪيرن مان ڄاڻي سگهون ٿا. ايئن مصر جي اهرامن ۾ به اسان ڪي سوانحي احوال ۽ نشان نظر اچن ٿا. ساڳيءَ طرح قديم مقدس ڪتابن يعني ’پراڻي عهدنامي‘ ۾ حضرت دائود عليہ السلام، حضرت سليمان عليہ السلام، حضرت يعقوب عليہ السلام ۽ حضرت يوسف عليہ السلام جي بيان ڪيل ڪهاڻين ۾ به اسان ڪي سوانحي ادب جا احوال، آثار ۽ اهڃاڻ نظر اچن ٿا.

ساڳيءَ طرح ’نئين عهدنامي‘ ڪي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي سوانح عمري ڪوٺي سگهجي ٿو، جيڪو سندس مختلف حوارين جي زندگيءَ، فڪر ۽ ڪردار توڙي هلت چلت بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. پر تاريخ ڪانپوءِ واري زماني (Past History Period) ۾ پلوٽارچ (46ع-120ع) ڪي ’سوانحي ادب جو ابو‘ چيو وڃي ٿو. جنهن ٻِين صديءَ ڌاري يونان ۽ روم جي 46 مشاهيرن، دانشورن، حڪمرانن ۽ جنگي جوڌن جا نهايت باريڪ بينيءَ ۽ ڌاهپ سان سوانحي خاڪا لکيا آهن. مثال طور سڪندر (يوناني) جي سوانحي خاڪي ۾ لکي ٿو: ”جڏهن به سڪندر (اعظم) ٻڌندو هو ته سندس پيءُ ڪا تمام وڏي سوڀ ماڻي آهي ۽ ڪو مشهور شهر فتح ڪيو آهي ته هو رڳو خوشيءَ جو اظهار نه ڪندو هو بلڪ پنهنجن هڪ- جيڏن ڪي چوندو هو ته، مون ڪي ته ايئن لڳي ٿو ته منهنجو پيءُ اوهان جي لاءِ ناماچاريءَ جو ڪو به موقعو نه ڇڏيندو، بلڪ سمورا وڏا ۽ شاندار ڪم اڳي پوءِ پاڻ ئي پورا ڪري ڇڏيندو. حقيقت ۾ ان ڪي شاندار ڪم ڪرڻ ۽ پنهنجي ذهني ۽ جسماني سگهه آزمائڻ جو ايترو ته شوق هو ۽ دولت ۽ آسائشن ڪان ايڏي ته چڙ هئي، جو هو سمجهندو هو ته جيترو به ورثي ۾ سندس پيءُ گهڻو مال ڇڏيندو، اتروئي ڪيس پنهنجي همٿ ۽ سگهه سان حاصل ڪرڻ جو گهٽ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





موقعو ملندو.“(6)

پلوٽارچ ئي آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۽ ادب جي امتزاج جهڙن سوانحي ۽ تقابلي مطالعن انگريزي ٻوليءَ جي عظيم شاعر ۽ ڊرامي نگار وليم شيڪسپيئر ڪي انهن رومي ۽ يوناني غيرمعمولي ڪردارن جا پلاٽ مهيا ڪري ڏنا هئا، جن تي هن پنهنجي فني ڏاهپ سان اسٽيج ڊرامن جون اهڙيون ته شاندار عمارتون ڪڙيون ڪري ڇڏيون، جو انهن جي عظمت ۽ ناماچاريءَ ڪي وقت ۽ تاريخ جو ڪو به طوفان ڪيرائي نه سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن سوانح عمريءَ جي تشريح پينگوئن جي لغت ۾ ڏسجي ٿي ته هن ريت لکيل ملي ٿي: ”ڏاهن انسانن جون چوٽيون، قول پڻ بايوگرافيءَ جو حصو آهن. افلاطون جي سبقن ۾ اسين سقراط جي حياتيءَ ڪي ڳوليون ٿا، تڏهن پڻ رومن تاريخدان پلوٽارچ ۽ ٻيا ان صنف جا ابا چئجن ته غلط نه ٿيندو. پلوٽارچ، پهرين صدي عيسويءَ ۾ ٽيويهه رومن ۽ ٽيويهه يوناني حاڪمن ۽ ٻين شخصيتن جون جيون ڪٿائون لکي، شيڪسپيئر جهڙي ناٽڪ نويس ڪي ڪيترائي پلاٽ مهيا ڪيا. ڪيس ’پهريون ڏاهو‘ چيو وڃي ٿو، جنهن ’بايوگرافي‘ ۽ ’تاريخ‘ ۾ فرق ڪي چٽو ڪيو.“(7)

توڙي جو آتم ڪهاڻيءَ جو محاورو پهريون ڀيرو ’رابرٽ سائوٿي‘(1774ع-1843ع) 1809ع ۾ ڪتب آندو هو، پر معلوم تاريخ ۾ اسان ڪي جيڪا پهرين آتم ڪهاڻي ملي ٿي، اها ’سينٽ آگسٽين‘ (354ع-430ع) جي آتم ڪٿا ’اعتراف‘ آهي، جنهن ۾ هن پاپ ۽ پُنَ جي هانوءُ هڄائيندڙ جهد ۽ بحث ڪي سميٽيندي، عيسائين جي مذهب ڪي مڃتا ڏني آهي. سندس دلپذيري، نماڻائي ۽ سچائيءَ سان ڀريل انداز انهيءَ آتم ڪهاڻيءَ ڪي صدين تائين نه رڳو جيئرو رکيو آهي، پر جياپي جو سبب به ڄاتو آهي. اها ڳالهه ارڙهين صديءَ واري روسو (1712ع-1778ع) جي آتم ڪهاڻي ’اعتراف‘ ۾ ڳولئي نٿي ليي.

اهڙيءَ ريت ڏند ڪٿائن، داستانن ۽ انسانن ڪان مٿيرين قوتن جي ڪهاڻين ڪان وٺي سوانحي ادب جي سفر ڪي صدين جا اوجاڳا حاصل ٿيا آهن، ۽ اڄ اها آتم ڪهاڻي ۽ سوانح عمري يا جيون ڪهاڻيءَ جي ٻن اهم شاخن ڪان سواءِ ڪيترن ئي ٻين اسلوبن ۽ اندازن ۾ به تحرير ٿي رهي آهي. اڄ دنيا جي سڀني مهذب ٻولين ۾ جيڪي ڪجهه به لکجي رهيو آهي، ان ۾ ’سوانحي ادب‘ سڀني ڪان سرس آهي. اهڙيءَ ريت دنيا ۾ آتم ڪهاڻيون پڙهڻ جو لاڙو به ٻين

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صنفن کان وڌيڪ آهي. انساني تجربن، حادثن، سانحن، خوشي ۽ ڏک جي واقعن توڙي حياتيءَ جي گرمائش ۽ ٿڌاڻ کي پاڻ ۾ سمائي رکندڙ ئي صنف وڏي انساني وٿ آهي، جنهن ۾ انساني لڙڪ، مرڪون ۽ سڏڪا، انفرادي تجربن ۽ مشاهدن مان نڪري، اجتماعي شعور ۽ تجربي جي صورت ۾ نروار ٿين ٿا.

## سوانحي ادب جي اهميت:

هر لکي پڙهي ويندڙ ٻوليءَ ۾ 'سوانحي ادب' جي اهميت سج وانگر روشن آهي. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ پيغمبرن، مذهبي پيشوائن، سياسي اڳواڻن، درويشن ۽ صوفين، جي سوانح عمرين جو ڳاٽيٽو هر ٻوليءَ جي ادب ۾ سڀ کان گهڻو آهي. اهڙيءَ ريت قومي سورمن، ملڪي سربراهن ۽ مدبرن جون جيون ڪٿائون ماڻهن ۾ قومي جاڳرتا ۽ تاريخي شعور اپارڻ جو سبب بڻجن ٿيون. انهيءَ ڪري اهڙن سوانحي ڪتابن جو واهپو تمام گهڻو ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سوانحي ادب جي سڀني صنفن ۾ انساني تجربن، مشاهدن ۽ مطالعي جو سڌو سنئون اظهار ٿئي ٿو. ٻيو تہ قدرت هر انسان ۾ پنهنجي اهميت نروار ڪرڻ جي خواهش ۽ خوبي رکي آهي. شايد انهيءَ جذبي هيٺ پيريءَ يا وچ وهيءَ ۾ هر انسان پنهنجي تجربن، مشاهدن، حادثن توڙي انساني وهنوار دوران حاصل ٿيل نتيجن جي جمع پونجي ايندڙ نسل جي حوالي ڪرڻ چاهي ٿو. انهيءَ ڪري پڪا پوڙها تہ زباني طور پنهنجون ڪٿائون گهرن، اوطاقن ۽ وستين ۾ ٻڌائيندا آهن يا ڪنهن کان ويهي لکرائيندا آهن، پر پڙهيل لکيل ۽ علم ۽ تجربي جي آويءَ ۾ پڪل انسان، انهن يادن کي قلم ذريعي اچن ڪاڳرن تي اتاريندا آهن، پوءِ اهو ڊائريءَ جو ورق هجي، يادگيريون هجن، سوانحي عمري يا آتم ڪٿا هجي. زمان ۽ مڪان جي دائري ۾ سرجيل اهي تحريرون تاريخ جي پيٽ ۾ پختيون ٿي انساني حافظي جو حصو بڻجن ٿيون ۽ سوانحي ادب جي رنگارنگي ۽ دلپذيريءَ ۾ واڌارو ڪن ٿيون. انهيءَ ڪري 'سوانحي ادب' جي گهڻ پاسائين اهميت آهي، ڇاڪاڻ جو اهو انساني گڻن، ڏاهپ ۽ دانائيءَ جي وکر کي تجربن جي صورت ۾ سنڀالي وٺي ٿو. جيڪي ان خاص دور ۽ زماني جي شعور، قدرن ۽ ماڻهن جو معيار بڻجن ٿا. انهيءَ ڪري سوانحي ادب جي تاريخي سماجي، ثقافتي، اخلاقي ۽ نفسياتي اهميت آهي.

## تاريخي اهميت:

سوانحي ادب جي تاريخي اهميت انهيءَ ڪري بہ مڃيل آهي، جو تاريخ ۽ سوانح جو





لاڳاپو ماضيءَ سان آهي. قديم دور ۾ سوانح ۽ تاريخ کي هڪ ئي صنف ڄاتو ويندو هو. سوانحي ادب ۽ تاريخ ۾ توڙي جو ڪافي فرق آهي، پوءِ بہ ان جي اهميت، 'ايمرسن' جي هِن ڳالھ مان ظاهر آهي تہ: "جنهن کي خاص طرح تاريخ چئجي، ڪا ڳالھ ڪانهي، سچي تاريخ سوانحي روايت آهي."(8)

سوانحي ادب ۽ تاريخ جو پاڻ ۾ لاڳاپو رڳو موضوع جي هڪجهڙائي يا ماضيءَ جي اُپٽار جي ڪري ڪونہ آهي، پر انساني تاريخ جي مهندارن، مدبرن، سياستدانن ۽ ڏاهن جي سوانحي احوالن ۽ سندن ڪردار ۽ عمل جي پيرائتي تذڪري، تاريخ ۽ سوانحي ادب جو فرق مٽائي ڇڏيو آهي. توڙي جو تاريخ ۽ سوانح ٻئي ڄاڻ ۽ علم جا الڳ الڳ شعبا آهن، پر پوءِ بہ تاريخ جي سيني ۾ ڌڙڪندڙ عظيم انسانن جي ذڪر سبب 'ٿامس ڪارلائل' تاريخ کي 'عظيم انسانن جون سوانح عمريون' ڪوٺي ٿو:

"دنيا جي تاريخ دراصل انهن انسانن جي تاريخ آهي، جن دنيا ۾ ڪو وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي." يعني تاريخ جي تھ ۾ اهي عظيم شخصيتون آهن، اهي ئي انسان ذات جا رهبر هئا. عظيم مرتبي وارا اهي انسان ئي وڏي ڪردار جا ڌڻي هئا ۽ حقيقت ۾ انهن ئي اهي سڀ ڪم تڪميل تي رسايا، جيڪي عام خلق انجام ڏيڻ ۽ حاصل ڪرڻ ٿي چاهي. عالمي تاريخ جي هر دور ۾ اسان کي معلوم ٿيندو تہ ڪجھ عظيم انسان، هر دور کي محفوظ رکڻ لاءِ اٿتر هئا."(9)

انهيءَ مان اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ سوانحي ادب جي تاريخي اهميت، ڪيڏي نہ مڃيل ۽ قبول ٿيل آهي. ڪارلائل جي دليل ۽ منطق جي پنهنجي سگھ ۽ پختگي آهي، پر پوءِ بہ سوانح، تاريخ جي هڪ شاخ طور ڄاتي وڃي ٿي ۽ سوانحي ادب جو مواد بہ تاريخ جي هڪ ماخذ طور مڃتا جو حامل آهي، انهيءَ ڪري سوانحي ادب جي تاريخي اهميت آهي.

## سماجي ۽ ثقافتي اهميت:

سوانحي ادب ڄڻ تہ هڪ انسان جي ٻئي انسان سان گفتگو آهي. جيئن تہ هر انسان ڪنهن بہ معاشري، سماج ۽ ان جي رسمن، رواجن ۽ قدرن ۾ ئي حياتي گهاري ٿو، تنهن ڪري هو نہ رڳو پنهنجي ڪردار، گفتار ۽ عمل ذريعي معاشري تي اثرانداز ٿئي ٿو، پر هو پاڻ بہ ان کان متاثر ٿئي ٿو. سوانحي ادب ڪنهن سماج يا معاشري جي مخصوص دور يا زماني ۾ نہ رڳو تخليق ٿئي ٿو، پر ان دور جي قدرن ۽ رواجن جي نمائندگي بہ ڪري ٿو. ڪا بہ سوانحي تحرير سماجي ۽ ثقافتي قدرن جي پيروي يا ان جي پلائيءَ واري جذبي کان خالي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نہ هوندي آهي ۽ نہ سوانحي ادب کي ان کان آجو هئڻ گهرجي. مثال طور پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب 'اُهي ڏينهن اُهي شينهن' ۾ لکيل سوانحي خاڪا ۽ يادگيريون، ويهين صديءَ جي ابتدائي ڏهاڪن واري سنڌ جي تاريخي ۽ سياسي حالتن جي ڄاڻ ڏين سان گڏ، ان دور جي سماجي ۽ ثقافتي قدرن جي بہ پوري ڄاڻ ڏين ٿا. اهو بيٺڪي راڄ وارو زمانو هو، جنهن ۾ ڪامورو، جاگيردار ۽ پوليس ئي پوري سگهہ سان ڇانيل هئي. عزت ۽ وقار رڳو پئسي، طاقت ۽ بيٺڪي راڄ جي سرپرستيءَ ۾ ئي ممڪن هو. ان جا سماجي ۽ سياسي قدر، جيڪي برابريءَ ۽ گڏيل احترام کان وانجهيل هئا، انهن سڀني سماجي ۽ ثقافتي قدرن جي پوري پروڙ اسان کي راشدي صاحب جي ڪتاب مان پوي ٿي.

انهيءَ ڪري سوانحي ادب جي نہ رڳو تاريخي اهميت آهي، پر ان جي سماجي ۽ ثقافتي حيثيت پڻ پوري طرح ظاهر ۽ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ علمي ۽ ادبي شهپارو، نہ هوائن ۾ جنم وٺندو آهي، نہ وري فضا ۾ لٽڪيل هوندو آهي. اهو ڪنهن سماج، معاشري، ثقافت ۽ انساني قدرن سان ٽهڪار انسانن جي ذهن ۽ ڏاهپ جو نتيجو ۽ نچوڙ هوندو آهي، گڏوگڏ ان سماج جي ثقافتي ۽ سماجي قدرن جو پاسدار ۽ پرجهلو بہ هوندو آهي.

## علمي ۽ ادبي اهميت:

سوانحي ادب جي جِتي تاريخي، سماجي ۽ ثقافتي اهميت آهي، اُتي اُن جي علمي ۽ ادبي اهميت پڻ آهي. ڇو تہ جنهن ادب کي اسين سوانح عمري، آتم ڪهاڻي، يادگيريون ۽ خاڪا سڏيون ٿا، ان ادبي ڪاوش کي ٽي شيون 'تاريخ، ادب ۽ فرد' گڏجي جوڙين ٿيون. يعني اها ادبي ڪاوش ڪنهن بہ چڱي يا غيرمعمولي انسان جي ڪٿا کي تفصيلي يا اختصار سان، سماجي ۽ ثقافتي حالتن جي سوجهري ۾، پر ادبي انداز ۽ اسلوب سان تحريري صورت وٺي ٿي. اِن ريت ڪنهن بہ انسان جي حياتيءَ کي ٻوليءَ، خيال ۽ اسلوب جي جڙاوت ۽ رنگارنگيءَ سان نئين زندگي ڏئي سگهجي ٿي.

مثال طور: 'بک، عشق ۽ ادب' جيڪا موهن ڪلپنا جي آتم ڪهاڻي آهي، ان جي سيبتائپ ۽ حسن جو راز، ان جي اسلوب، مواد ۽ ٻوليءَ ۾ سمايل آهي، جيڪا ادب جي سجاڳ آهي. 'ادبيت' جي ان معيار ۽ خوبيءَ، سندس آتم ڪٿا کي دائميت ڏئي ڇڏي آهي. ڪٿي ڪٿي اسلوب ۽ ٻوليءَ جي سونهن، آتم ڪٿائن جي مواد جي ڀُڏائيءَ کي لڪائي وجهندي آهي، پر اسلوب ۽ بيان جي انداز کان سواءِ ڪا بہ لکڻي، ادبي





شهپاري جي صورت نٿي وٺي سگهي، انهيءَ ڪري سوانحي ادب جي علمي ۽ ادبي اهميت بہ آهي.

## اخلاقي اهميت:

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سوانحي ادب ۾ جيڪو بہ انسان بحث جو موضوع بڻجي ٿو يا جنهن بہ شخصيت جي زندگيءَ جي مختلف پاسن ۽ رخن کي نکاري نروار ڪجي ٿو، ان ۾ سندس شخصي گڻن، يعني اٿڻي ويهڻي، کلڻ ڳالهائڻ، سنجيدگي ۽ ٺهڪ پڻ سندس خاڪي يا سوانح جو حصو بڻجن ٿا. ان کان سواءِ منجهس ڪردار ۽ عمل جا چٽا عڪس بہ سمايل هوندا آهن، جيڪي سماج اندر مروج اخلاقي دستورن کي تسلسل ڏيڻ لاءِ ڪارائتا ٿين ٿا.

سوانحي ادب ۾ تحقيق، تحسين ۽ تنقيد هيٺ آيل شخص اهم ۽ معتبر هجن ٿا ۽ سماج جي ڪنهن نہ ڪنهن شعبي ۾ مڃتا لائق هوندا آهن، ان ڪري سندن حياتيءَ جي چونڊ واقعن يا سندن زندگيءَ جي هاڪاري پاسن جي جمع پونجيءَ کي سوانح ۾ سموهيو ويندو آهي، جنهن ڪري اهي ڪردار جا ڏٽي، ايندڙ سماج کي اتساهہ ڏيندڙ ٿين ٿا. سندن شخصيت جي اخلاقي پاسن جي درست ۽ سيبتي ڄاڻ سماج کي مثبت رخ ڏيڻ بابت ڪارائتي ٿئي ٿي. اهو هڪ الڳ بحث آهي تہ ڪنهن بہ شخصيت جي حياتيءَ جو جائزو وٺڻ وقت يا پنهنجي آتم ڪهاڻي سرجڻ ويلي سيني واقعن جي چنڊڇاڻ ڪري، ان ۾ سماج جي اخلاقي قدرن کي سگهہ بخشيندڙ ڳالهيون لکجن يا بغير ڪنهن چونڊ يا سوچ ويچار جي سڀ ڪجهہ ڪاڳرن تي اتاري ڇڏجي. بهرحال عالمن جي اڪثريت ۽ 'ادب براءِ زندگي' واري سوچ رکندڙ ڏاها، ان ڳالهہ تي اتفاق ڪن ٿا تہ سوانحي ادب ۾ چڱائيءَ کي سگهارو ڪري، معاشري جي مثبت ۽ هاڪاري اخلاقي روين کي اوليت ڏجي، جيئن عظيم شاعر لانگ فيلو (Lang felowe) انهن عظيم انسانن جي حياتيءَ جي مطالعي ۾ لکل اخلاقي سبق ڏانهن پنهنجي هڪ شاهڪار نظم ۾ اشارو ڏنو آهي:

"عظيم انسانن جون حياتيون اسان کي ياد ڏيارين ٿيون،
اسان پنهنجي زندگيءَ کي گهڻو ئي مقدس بڻائي سگهون ٿا،
۽ دنيا مان موڪلائيءَ ويل پنهنجي پويان ڇڏي سگهون ٿا،
وقت جي واريءَ تي پيرن جا نشان!"(10)



Shah Abdul Latif Bhittai Chair

## سوانحي ادب: اصول ۽ وصف:

سوانحي ادب جي وصف توڙي اصول دنيا جي مختلف ٻولين ۾ سمجهيا، سڪيا ۽ لاڳو ڪيا وڃن ٿا. جهڙي ريت چئن سون ڪان وڌيڪ آتم ڪهاڻين جو مطالعو ڪري، ان جو نچوڙ پيش ڪندڙ ڊاڪٽر پرويز پردازي پنهنجي ڪتاب ۾ سوانحي ادب جي وصف هن ريت لکي ٿو: ”ادب جي تاريخ ۾ سوانحي ادب جو اصطلاح تمام گهڻو وسيع آهي. ان ۾ تاريخ، حالتن، واقعن، ڊائري ۽ ماڻهن سميت سڀ ڪجھ سمائي سگهجي ٿو، پر ان جي دائري کي سوڙهو ڪندي، ادب جي ڄاڻن، ويهين صديءَ تائين ان کي ’يادگيريءَ واري ادب‘ (Memoirs) ۽ ’سوانحي ادب‘ (Biography) کي جدا جدا صنف جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو ۽ انهن کي ان ئي حيثيت ۾ پرکيو ۽ پروڙيو آهي.“(11)

جهڙيءَ ريت، اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته، سوانحي ادب کي ٽي شيون گڏجي مڪمل ڪن ٿيون ۽ اهي آهن فرد، تاريخ ۽ ادب. ساڳيءَ ريت آتم ڪهاڻي ۽ سارو ٽيون تحرير ڪرڻ لاءِ ٻه هڪ نقاد ٽي اصول ڄاڻايا آهن: ”لکڻ واري جي يادگيري، اسلوب ۽ آس پاس جي ماڻهن جو حلقو ۽ دوست.“(12) يعني آتم ڪهاڻيءَ لکڻ جو پهريون اصول اهو آهي ته لکندڙ جي يادگيري ان سان وفادار هجي ۽ سندس ادبي اسلوب ۽ بيان جو انداز ان ڪهاڻيءَ جا اهڙا سگهارا ٿنڀ هئڻ گهرجن، جنهن جي اثر سبب اها دائميت ماڻي سگهي ۽ سماج اندر سندس اثر رسوخ، ويجهڙائي ۽ قرب اهڙن ڪردارن سان هجي، جيڪي معاشري اندر سٺي شهرت رکندڙ هجن. اهي سمورا گڻ ۽ خوبيون گڏجي آتم ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ کي پُراثر ۽ وزنائتو بڻائن ٿيون. جڳ مشهور تاريخدان ’ول ڊيورانٽ‘ جي ان ڳالهه کي ذهن تسليم نٿو ڪري ته ”بغير ڪنهن شڪ جي هر آتم ڪهاڻي، حقيقت ۾ عريانيءَ جي شوق جي هڪ صورت آهي.“(13) پر آتم ڪهاڻيءَ جي مواد بابت جيڪي اصول ۽ نقطا برک ڏاهي محمد ابراهيم جويي اٿاريا آهن، اهي ڌيان ۾ رکڻ جهڙا، قبوليت جوڳا ۽ آخري حرف برابر آهن:

”آتم ڪٿائي روايت سان سوانحي احوال ۾ شخصي يا ذاتي سند ۽ منصوبي يعني اکين ڏٺي، ڪنن ٻڌي ۽ ذاتي تجربي جي پشتي به شامل آهي. انهيءَ ڪري ان ۾ خاص طرح ڪنهن ڪوڙ جو، ڪنهن هيٺ مٿاهينءَ جو، ڪنهن غرورَ جو، ڪنهن مڪر جو ۽ منافقيءَ جو موجود هجڻ ازحد خطرناڪ آهي.“(14)

اسان جي ادب ۾ اهڙن ئي سونهري اصولن سان سينگاريل سوانحي ادب جا





ڪيترائي مٺيا موجود آهن، جن کي ڪنهن سچي جوهريءَ جي ضرورت آهي، جيڪو انهن کي پرکي ۽ پروڙي قدر ۽ معيار جو تعين ڪري سگهي.

## حوالا

1. جوڻيجو، عبدالجبار، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘، ڀاڱو ٽيون، سنڌي لئيگئج اٿارٽي، 2007ع، ص: 114.
2. ساڳيو، ص: 114.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 197ع، ص: 10.
4. نائون مل، ’يادگيريون‘، سنڌي ترجمو: محمد حنيف صديقي، پهريون ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ، 1968ع، ص: 3.
5. The new encyclopedia Britanica: voleme:2, 15th Edition. 1974. P.1006.
6. ٿارچ، پلو، ’مشاهير يونان و روم‘، (حصو پنجون)، مترجم: فريد آبادي سيد هاشمي مولوي. ص:5.
7. Penguin Dictionary of Literary terms, U.S.A. 1985, P.79.
8. جويو، محمد ابراهيم، ’تان ڪي ڏونگر ڏوريان‘، (مهاڳ)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2009ع، ص:10.
9. مهر، غلام رسول، مولانا، ’تاريخ ڪا مطالعه‘، فڪشن هائوس، لاهور، 2002ع، ص: 44.
10. ساڳيو، ص: 46.
11. پردازي، پرويز، ڊاڪٽر، ’پس نوشت اورپسِ پس نوشت‘ (جلد پهريون) نيا زمانه پبليڪيشن،لاهور،2003ع، ص: 23.
12. ساڳيو، ص: 31.
13. ڊيورانٽ، ول ۽ ڊيورانٽ، آرويل، ترجمو: خان سعود الحسن، ’آپ بيتي‘، فڪشن هائوس، لاهور، 1995ع، ص: 93.
14. جويو، محمد ابراهيم، ’تان ڪي ڏونگر ڏوريان‘، (مهاڳ)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، 2009ع، ص: 16.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair